# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1978

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1978

# سنڌ سول سرونٽس (ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعه 18 جي ترميم

Amendment of section 18 of Sindh Act XIV of 1973


# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1978

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1978

## سنڌ سول سرونٽس (ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[23 مئي 1978]

تمهيد (Preamble)

سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم جو آرڊيننس

جيئن ته سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعيات

Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سول سرونٽس (ترميم) آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو

(2)اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعه 18 جي ترميم

Amendment of

2. سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 جي دفعه 18 ۾، پهرين شرطيه بيان (Proviso) لاءِ،

| | |
|---|---|
| section 18 of Sindh Act XIV of 1973 | هيئين ريت متبادل بڻايو ويندو: <br><br> بشرطيڪ، جڏهن ڪنهن خاطر خدمت حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي عهدي يا گريڊ ۾ ڪا وقتي مقرري ڪئي وڃي ٿي ته مقرري ڪندڙ اختياري مقرر ڪيل ماڻهن کي هدايت ذريعي اعليٰ آساميءَ يا گريڊ جي پگهار کڻڻ بدران هيئين گريڊ جي پگهار کڻڻ لاءِ چئي سگهي ٿي، پر اهو پگهار ايترو هوندو، جيڪو هو هن مقرريءَ کان ترت اڳ کڻندڙ هوندو، هن کي خاص پگهار به ڏئي سگهبي جيڪا تجويز ڪيل هوندي. پر جيڪڏهن موجوده معاوضي تي ڪا مقرري ڪئي وڃي ٿي ته يا اضافي چارج ڏني وڃي ٿي ته ان صورت ۾ ملازم جي پگهار مقرر ڪيل طريقن مطابق طئي ڪئي ويندي. <br><br> نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي. |